**عائشہ سريوال**

# حقيقت نگاري ۽ ان جا مختلف قسم
# Realism and its Different Types


## *Abstract*

*Literary realism took place as artistic shift from Romanticism. It was part of the realist art movement that started from Europe in nineteenth-century and lasted in Sindh until the end of twentieth century. It focused on showing everyday life activities, particularly of the middle or lower class society, without romantic idealization or dramatization. It attempted to make people believed that only social conditions, heredity, and environment had inescapable force in shaping human character. Therefore Darker aspects of life, including poverty, racism, violence, prejudice, disease, corruption, prostitution, and filth, all are natural product of social conditions, heredity, and environment.*

*Realism is a school of thought containing numerous related branches. The goal of this paper is to trace out facts about realistic approaches by clarifying and classifying different approaches of realistic thought and presenting a more coherent classified collective approach towards realism.*


**حقيقت نگاري:**

ادب، فطرت ۽ ڪائنات وانگر ڦهليل ۽ پکڙيل آهي، ان جي ڪابہ هڪ ۽ مڪمل سمجهاڻي ممڪن نہ آهي. تڏهن بہ زندگيءَ ۽ ادب جو رشتو تمام ڳوڙهو، پيچيدو، گهرو ۽ آفاقي آهي، ان ڳالهہ تي بہ رايا نہ آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو ابتدا کان وٺي ادب انساني زندگيءَ جي عڪاسي ۽ ترجمانيءَ جو ڪم خوش اسلوبيءَ سان ادا ڪندو رهيو آهي. انساني سماج تي جيترا بہ لاها چاڙهآ آيا آهن، ادب انهن سڀني کي محفوظ ۽ رقم ڪندو رهيو آهي. ان ڪري ئي ادب انسان جي تهذيبي سفر جي اڻ سڌي تاريخ شمار ٿئي ٿو. ادب هر موڙ تي انساني زندگيءَ جي تلخ توڙي پرمسرت لمحن کي محفوظ ڪري، نسل در نسل منتقليءَ جو ڪم سرانجام ڏنو آهي ۽ ڪيترن ئي لافاني ۽ جٽادار حقيقتن کي زندگي بخشي ٿو. هونئن تہ ادب سڪٽو زندگيءَ جي عڪاسيءَ تائين محدود بہ نہ رهيو آهي، پر ادبي تنقيد بہ ان تي اتفاق ڪري ٿي تہ اهو ئي ادب هميشہ زندهہ جاويد ۽ جٽادار رهندو آيو آهي، جنهن پنهنجي اندر ۾ سماج



جي گوناگون پهلوئن کي جاءِ ڏني آهي ۽ عڪاسيءَ سان گڏ انساني رهنمائيءَ جو فرض بہ ادا ڪيو اٿس.

ادب، انسان جي احساسن، تجربن ۽ مشاهدن جو بيان ڪيل رڪارڊ آهي. جيڪو انسان جي اندروني پيچ ڊاهہ کان وٺي، سماج جي ٻاهرين پهلوئن جي عڪس کي چٽي ٿو. ادب خيالن ۽ حقيقي شين کي هڪ نئين رنگ ۽ ڍنگ ۾ پيش ڪري، انهن ۾ نواڻ ۽ انفراديت پيدا ڪري ٿو. اديب پنهنجي انفرادي اسلوب ۽ رنگ ڍنگ وسيلي ڪنهن بہ موضوع کي پيش ڪرڻ وقت فقط فني پابندين طرف جوابدار هوندو آهي. هو پنهنجي تحرير ۾ پنهنجي مرضيءَ مطابق موضوع جي چونڊ ۽ سماج جي مسئلن ۽ معاملن، دنيا جي خوبصورتي، سماجي نابرابري، انساني بي حسيءَ کي ڪٽي اڳتي وڌي ٿو. هو خود مختيار ۽ آزاد فرد جي حيثيت ۾ ڪم ڪري ٿو ۽ هڪ عام شئي کي تخليقي روپ ڏيئي، نئون جنم بخشي ٿو. ليڪڪ سائنسدان نہ آهي، تڏهن بہ جيڪو ڪجهہ پنهنجي تخليق ۾ پيش ڪري ٿو ان پٺيان هن جو تجربو ئي اصل بنياد هوندو آهي. هو پنهنجي سماج جو مشاهدو ڪري ٿو ۽ پوءِ ان جا نتيجا اخذ ڪري، ماڻهن آڏو آڻي ٿو. خاص طور تي جنهن تحرير ۾ انساني زندگيءَ جو ڪو پهلو شامل آهي، اها ليکڪ جي تجربي ۽ مشاهدي جو نچوڙ ئي هوندي آهي. ادب جو خاص مقصد اهو ئي رهيو آهي تہ ان ۾ زندگيءَ جي نرالين ۽ گوناگون حقيقتن جو اظهار ڪجي. ايئن اهي حقيقتون، دائمي حقيقتن جو روپ ڌاري وڃن ٿيون ۽ هميشہ لاءِ انساني يادن جي دستاويز جو حصو بڻجي وڃن ٿيون.

ادب، هميشہ سماج ۽ زندگيءَ جو طاقتور عڪاس رهيو آهي. ماڻهن جي پيڙائن، ڏکن ۽ دردن جي ترجماني ان جو اولين مقصد رهيو آهي. ادب صرف خيالي ڳالهين جو پنڊار ۽ سڪٽي لفاظيءَ نما جماليات جو نالو نہ آهي. فڪر يا خيال بنا سڪٽي لفظي سونهن فقط وندر ورونهن جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿي، ادب ان کان اڳتي جي شيءِ آهي. ادب انساني فهم، شعور ۽ آگاهيءَ ۾ بہ بنيادي ڪردارا ادا ڪري ٿو. انهيءَ ڪري انساني زندگي ۽ ان جي مسئلن جي ڪليل اپٽار لازمي طور ٿيندي، اهو ادب ان ڪري بہ پڙهندڙن جي دلين تي خاص تاثر پيدا ڪري ٿو ڇاڪاڻ تہ هر ماڻهو ان ۾ پنهنجين زندگين سان واسطو رکندڙ ڪردارن، حالتن، واقعن ۽ المين کي ڳولي ٿو. ماڻهو جڏهن پاڻ کي ڪنهن تحرير ۾ موجود ڏسي ٿو تہ کيس اڻ لکي مسرت ۽

خوشيءَ جو احساس جاڳي ٿو. بنيادي طور هڪ تخليقي تحرير، فرد کي غير محسوس طريقي سان سڌارڻ جو ڪم ڪري ٿي. اهو سڌارو وڏندو وڏندو هڪ مڪمل سماج تائين ڦهلجي وڃي ٿو. فڪر ۽ خيال ادب جو اصل روح آهن. انهن کان سواءِ ادب معنوي سطح تي کوکلو ٿي ويندو آهي.

ادب جي تخليق ۽ مقصدن جي باري ۾ قبل مسيح کان وٺي، عالمن ۽ محققن بحث مباحثا ڪيا آهن. يونان ۾ شايد سڀ کان اڳ ۾ ادب بابت فلسفيانہ بحث ٿيا. افلاطون چيو آهي تہ: ”ادب آهي ئي اهو جنهن ۾ خلق ۽ اخلاق توڙي سچائيءَ صداقت جي نشو و نما ٿئي.“ (هڪڙو 2006: مهاڳ)

ڪنهن ادب کي زندگيءَ جو آئينو سڏيو ۽ ڪنهن ٻوليءَ ذريعي زندگي جو اظهار. ڪنهن ان کي ڪمال ۽ زوال جي آرسي چيو. تہ ڪنهن زندگيءَ جي تنقيد. لينن ادب کي آئينو ڪوٺيو آهي. ۽ چوي ٿو تہ ’جيڪو آئينو چٽو عڪس نہ پهچائي، اهو آئينو نہ چئبو.‘

ادب ۽ ان جي تشريح بہ وقت سان گڏ تبديل ٿي آهي. وقت ۽ حالتن جي تبديلي، ادب جي موضوعن کي تبديل ڪندي رهي آهي. جيئن زندگي غير متحرڪ ناهي، ائين ادب بہ غير متحرڪ نہ رهيو آهي. زندگيءَ ۾ ايندڙ بدلاءُ، ادب جي موضوعن ۾ بدلاءَ جو اهم ڪارڻ رهيو آهي. ادب ۾ ڪڏهن فطرت جي خوبصورت رنگن کي چٽيو ويو آهي تہ ڪڏهن مظلوم ۽ غريب عوام جي سڏڪن کي جاءِ ڏني وئي آهي. انسان پنهنجين سوچن ۽ خيالن جي دنيا ۾ گم ٿي، ڪيترين ئي دلڪش ۽ افسانوي آکاڻيون بہ گهڙيون آهن. هن تصور جي جنت بہ پيش ڪئي آهي تہ درد جا دوزخ بہ خلقيا آهن. هر دک ۽ تڪليف جي عڪاسي ڪئي وئي آهي. البتہ پنهنجي پنهنجي دور جي حقيقتن ۽ صداقتن کان هن ڪڏهن بہ منهن نہ ڦيريو آهي. سنڌ جا قديم لوڪ قصا ۽ داستان هجن يا دنيا جو آڳاٽو يوناني ڪلاسيڪي ادب هجي، لوڪ شاعرن جون ڳاهون ۽ گيت هجن يا هومر جا اليڊ ۽ اوڊيسي، گهرائيءَ ۾ وڃبو تہ انهن جي بنياد ۾ ڪا نہ ڪا ازلي حقيقت ۽ سچائي لڪل ملندي. پڙهڻ سان تہ اهي رڳو اتفاق، واقعہ يا حادثا لڳندا، پر منجهن پنهنجي زماني جي حقيقي زندگيءَ جي نرالي تصوير ملي ٿي.

ادب، انساني زندگيءَ ۽ سماج وانگر مسلسل تبديليءَ جي عمل مان گذريو آهي. ماحول جي تبديلي ادبي موضوعن کي پڻ تبديل ڪندي رهي آهي. جيئن



زندگي هڪ هنڌ بيٺل نہ رهي آهي، ايئن ئي ادب بہ ساڪت ۽ جامد نہ رهيو آهي. زندگيءَ جو بدلاءُ، ادب جي موضوعن کي بدلائڻ جو اهم ذريعو رهيو آهي. نظام جي تبديلي، وطني حالتن جي تبديلي، مختلف سماجي شعبن جي ترقي ۽ انساني زندگيءَ ۾ اٿل پٿل جي ڪري بہ ادب جي ٻوليءَ، موضوعن، ڪردارن ويندي اسلوب ۽ گهاڙيٽن تي بہ ان جا اثر پوندا رهيا آهن. البتہ هر دور جي ادب جي حقيقت نگاري، ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ روان دوان رهندي آئي آهي. پوءِ اُن ذريعي ڪڏهن قدرت جي خوبصورت رنگن ۽ منظرن جي خوبصورتي ظاهر ڪئي وئي آهي تہ ڪڏهن مظلوم ۽ غريب عوام جي زندگين جي جهنم جي عڪاسي ڪئي وئي آهي. قديم زماني جي ماڻهن، مختلف قصن ۽ داستانن جي صورت ۾ ڪيترين ئي من گهڙت، خيالي ۽ افسانوي ڳالهيون ۽ ڪهاڻيون پيش ڪيون آهن، جن ۾ هن دنيا کي ڪٿي جنت کان بہ وڌيڪ خوبصورت ڪري پيش ڪيو ويو آهي تہ ڪٿي دوزخ کان بہ تلخ ۽ ڏکيو ظاهر ڪيو ويو آهي. البتہ انهن خيالي ۽ افسانوي ڳالهين جا پيرا کڻبا تہ اهڙين تصوراتي ڳالهين پٺيان بہ حقيقت نگاريءَ جو تخيلاتي ۽ تصوراتي روپ نظر ايندو. انهن ڪوڙن جو بنياد بہ سچ لڳندو. اهي خيالي ڳالهيون حقيقتن جو اڻ سڌو اظهار آهن. ڇو تہ انهن ۾ بہ هر ان ڏک ۽ تڪليف جي عڪاسي ڪئي وئي آهي، جيڪا انساني زندگيءَ سان جڙيل آهي، ان ۾ ڪنهن بہ شڪ جي گنجائش نہ آهي تہ ادب جي هر ڪا تحريڪ، حقيقتن مان ئي ڦٽي آهي پر حقيقت نگاريءَ جو بنياد ئي سچ ۽ صداقت تي آهي.

ادب، هميشہ انساني زندگيءَ جو آئينو رهيو آهي. ادب، انساني زندگيءَ جي تلخ توڙي سادن لمحن جي گهرائيءَ ۽ حسناڪيءَ سان عڪاسي ڪئي آهي ۽ سچين ۽ جٽادار حقيقتن کي سامهون آندو اٿس. اهڙو ادب ئي هميشہ زندهہ ۽ هر دور جو آواز رهيو آهي، جنهن پنهنجي جيءَ ۾ پنهنجي سماج جي خوشين ۽ ڏکن کي جڳهہ ڏني آهي. جڏهن ادب پنهنجي سماج، ان جي ماڻهن، حالتن، تاريخي، تهذيبي ۽ ثقافتي حقيقتن جو ترجمان ۽ نمائنده بڻجي پوي ٿو تڏهن اهڙي ادب کي حقيقت نگاريءَ تي ٻڌل ادب سڏجي ٿو. حقيقت نگاريءَ بابت آمريڪين وٽ هڪ مشهور ۽ مقبول سمجهاڻي هيءَ آهي:“

Real characters in real lives with real jobs and real problems. (*Godin, Katherine* (2003 pg)

غور ويچار سان معلوم ٿيندو تہ ابتدا کان وٺي ادب جي ترقيءَ سان گڏو گڏ، حقيقت نگاريءَ پڻ ترقي ڪئي آهي. مثال طور ابتدائي زرعي دور ۾، جڏهن زمينداري ۽ جاگيرداري جو نالو نشان بہ نہ هو جيڪو ڪيڙي سو ڪائي جو ماحول هو. تڏهن انسان سڀ برابر هئا. ڪا بہ ننڍ وڏائي يا اميري غريبي نہ هئي. ان دور ۾ انسان پنهنجن وهمن، فطرت سان ڪيل انوکن تجربن ۽ مافوق الفطرت قوتن جا قصا گهڙيا. جنن، ديون، پَرين جا قصا ان دور جو يادگار آهن. اهي ڪهاڻيون ۽ قصا پهرين زباني ۽ پوءِ تحريري صورت ۾ اسان تائين پهتا. جيئن جيئن ماڻهن ۾ شعور پيدا ٿيڻ لڳو تيئن تيئن دولت، تخت ۽ بادشاهيءَ جهڙن مسئلن گهر ڪنيو. تخت تان جهڳڙا، حڪمراني ۽ بادشاهيءَ جي وارثيءَ تان جنگيون لڳيون. اهڙين جنگين ۾ سوڀ ۽ ناڪاميءَ جا قصا بہ حقيقت نگاريءَ جو يادگار سرمايو آهن. خاص طور شاعرن رزميہ قصن وسيلي سورهيائيءَ جون تاريخون بيان ڪيون آهن. اسان جي ڪلاسيڪل دور جو ادب بہ فڪري طرح ڪٽي 'تصوف' جي نظريي جو پرچارڪ آهي، جنهن جو مقصد انساني برابري ۽ خدا جي هيڪڙائي آهي، پر پنهنجي روح ۾ اهو بہ حقيقت نگاريءَ جو تخليقي مثال آهي. ان ادب ۾، خاص طور شاعريءَ ۾ انساني زندگي، ان جي مسئلن جي ترجماني ۽ انساني سماج ۾ موجود اوچ نيچ جي نظام، امير طبقن جي ظلم ۽ زيادتين ۽ هيڻين طبقي جي مسئلن ۽ تڪليفن جي جهڙيءَ ريت ترجماني ڪئي وئي آهي، سا يورپ جي ادب ۾ بہ ورلي ڏسبي. جيتوڻيڪ سنڌ جي لوڪ شاعريءَ ۽ سگهڙن جي قصن ۾ بہ حقيقت نگاري ملندي، پر شاهہ لطيف ان کي هڪ رجحان مان تحريڪ جو درجو بخشيو. لطيف جي شاعري پنهنجي سماج جي ڀرپور عڪاس آهي. جنهن دور ۾ سنڌ ۾ لطيف جي شاعري هڪ قوت طور اڀري، ان زماني ۾ يورپ اونداهي دور مان هوريان هوريان نڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيو هو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو نيٺ اونداهو يورپ نئين سجاڳيءَ جي تحريڪ وسيلي روشنيءَ جي مينار طور اڀرڻ لڳو. يورپ ۾ جاگيرداري جي خاتمي زندگيءَ جي هر شعبي کي متاثر ڪيو. سرمائيداراڻہ نظام جي پيدا ٿيڻ سان ادب ۾ بہ نوان رجحان ۽ لاڙا پيدا ٿيڻ لڳا. اڪبر لغاري لکي ٿو تہ:

"سائنسي ترقي جڏهن صنعتي ترقيءَ کي وڌايو تہ شهرن ۾ مزدور طبقو ۽ ڪچيون آباديون وڌڻ لڳيون، جنهن سان



هيڻيون وچولو طبقو وڌڻ لڳو. صنعتي ترقي ۽ پرماريت امير طبقي جي حيثيت ۾ وڌو اضافو ڪيو. نتيجي ۾ امير غريب جو فرق وڌيڪ نمايان ۽ اذيتناڪ بنجي ويو."
(لغاري 2008: 56)

ادب ۾، انساني زندگيءَ ۽ حقن جي پيغام لاءِ جنهن تحريڪ جنم ورتو ان کي اسان حقيقت نگاريءَ جي تحريڪ چئون ٿا.

In general, realism in art and literature refers to the attempt to represent familiar and everyday people and situations in an accurate, unidealized manner. More specifically, the term "realism" refers to a literary and artistic movement of the late 1800's and early 1900's. This movement was a reaction against romanticism. Romanticism was an earlier movement that presented the world in much more idealized terms. (Campbell, Donna, (2014)

زندگيءَ جي حقيقتن کي جيئن جو تيئن پيش ڪرڻ ۽ ان ۾ خيالي ۽ تصوراتي ڳالهين کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش قديم زمانن کان هلندي اچي.

ادب کان اڳ ۾ اها آرٽ جي ٻين نمونن ۾ پهرين نظر آئي. قديم يوناني مجسمن ۾ انساني شبيهن کان وٺي انهن جي ڪردارنگاريءَ تائين ۽ پوءِ يوناني اسٽيج ناٽڪ ۾ ان جون بهترين جهلڪيون ملنديون. پر هڪ تحريڪ طور، حقيقت نگاري فرانس مان اڀري، خاص طور فرينچ ناول نگار بالزاڪ ان جو باني مڃيو وڃي ٿو. هن جو ڪتاب 'هيومن ڪاميڊي' (1824) حقيقت نگاريءَ جو ڪلاسيڪل مثال ۽ بنياد آهي. هونئن تہ دنيا ۾ هزارين ليکڪ هن تحريڪ سان لاڳاپيل رهيا آهن. پر فرانس جو گستائو فلابرٽ (Gustavo Flaubert)، فرانس جو جوئي ڊي موپاسان (Guy de Maupassant)، روس جو چيخوف (Anton Chekhov) ۽ برطانيا جو جارج ايليٽ (George Eliot) عظيم حقيقت نگار مڃيا وڃن ٿا.

حقيقت نگارن بنيادي طور وڌاءَ ۽ مبالغي کي ترڪ ڪري، انساني زندگي، حالتن ۽ سماج کي، جيئن آهي ۽ جهڙو آهي، ان کي هوبهو تيئن ئي پيش ڪرڻ جو رواج وڌو. ان کان اڳ ۾ رومانوادين ادب ۽ فن جي مختلف نمونن ۾ وڌاءَ ۽ مبالغي کي ايترو تہ عام ڪري ڇڏيو هو جو ادب جو تصور ان بنا ڏکيو هو. حقيقت نگارن سچ ۽ صداقت کي ادب جو بنياد بڻايو. اڪثر عالم ۽ نقاد ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ ڪنهن بہ

داخلي رنگ آميزيءَ، افسانويت ۽ آئيڊيلزم کان سواءِ، حقيقتن کي سمورن رخن ۽ ڪڙاڻ توڙي کهراڻ سميت بيان ڪرڻ حقيقت نگاري آهي. تخيل تي سچ جي غلبي کي ئي هن تحريڪ جو جوهر سڏجي ٿو. ڊارون جي ٿيوري، آمريڪي گهرو ويڙهہ ۽ ٻن عالمي جنگين يورپ ۽ آمريڪا جي ماڻهن کان تصور پسندي ۽ خيال پرستي کسي، انهن کي جن حقيقتن جي سامهون آندو ان کان پوءِ انهن لاءِ ڏکيو هو تہ اهي اجا بہ رومانوادي رهن. حقيقت نگاري جا مُک نڪتا هن ريت آهن:

- Emphasis on psychological, optimistic tone, details, pragmatic, practical, slow-moving plot
- Rounded, dynamic characters who serve purpose in plot
- Empirically verifiable
- World as it is created in novel impinges upon characters. Characters dictate plot; ending usually open.
- Plot=circumstance
- Time marches inevitably on; small things build up. Climax is not a crisis, but just one more unimportant fact.
- Causality built into text (why something happens foreshadowed). Foreshadowing in everyday events.
- Realists--show us rather than tell us
- Representative people doing representative things
- Events make story plausible
- Insistence on experience of the commonplace
- Emphasis on morality, usually intrinsic, relativistic between people and society
- Scenic representation important
- Humans are in control of their own destiny and are superior to their circumstances (Scheidenhelm, Carol,2007, pg.)

انساني زندگيءَ تي ٿيندڙ نا انصافين ڏاڍ ۽ ظلم جهڙي سچ کي ظاهر ڪرڻ ادب ۾ هڪ معيار جو درجو رکي ٿو. انهن کي بيان ڪرڻ ۽ جيئن جو تيئن پيش ڪرڻ يا انهن جي بلڪل ائين تصوير چٽڻ جيئن اهي آهن، حقيقت نگاريءَ جو بنياد آهن. اديب دنيا کي ڪيمره جي اک سان ڏسي ٿو ۽ ٻڌڻ دٻائيندي ئي هو انهن حقيقتن کي ان ئي حالت ۾ پيش ڪري ٿو جنهن ۾ هو آهن. "اشردڙ جنهن چيو تہ: "آءٌ ڪيمره آهيان." جديد ادب ۾ هن حقيقت پسنديءَ جو اظهار ڪيو هو. جنهن ۾ فن کي ڪيمره وانگي استعمال ڪيو ويندو هو. جتي فنڪار جو ڪم صرف اهو هو تہ اهو زندگيءَ کي ان نموني پيش ڪري، جنهن نموني اها ان کي نظر اچي رهي آهي. (جالبي،1986 :84)

حقيقتن جو تعلق سماج سان رهيو آهي ۽ حقيقتون يا سچ ڪڏهن بہ لڪل



نہ رهندا آهن. اهي هميشہ عوام آڏو بي پرده هوندا آهن. ڪيرت ٻاٻاڻي جي چوڻ موجب تہ: "حقيقتون اهي آهن، جيڪي ڏسي سگهجن ٿيون، جي ٻڌيون ويون آهن، جنهن جو تصور يا ڪلپنا ڪري سگهجي ٿي." (ٻاٻاڻي، 2006: 76)

اسان جي آس پاس ڪيترن ئي حقيقي واقعن، الميبن، ناگوار گذرندڙ لمحن ۽ ڏکن سکن پٽئي جنم ورتو آهي. انهن سڀني کي پيش ڪرڻ وقت اديب لاءِ سچائي ۽ وفاداري کان سواءِ ٻيو ڪو بہ بنيادي اصول ناهي. هن وٽ سچي دنيا جي تصوير چٽڻ ئي ان جو فرض آهي ۽ اديب پاڻ کي ڪنهن قيد يا پابنديءَ ۾ جڪڙيل محسوس نہ ڪري ۽ حقيقت بيان ڪرڻ محل آزاد ۽ خودمختيار هجي، تڏهن ئي هو حقيقتن جو سڌيءَ ريت اظهار ڪري سگهي ٿو ۽ اعليٰ درجي جي تخليق کي اپاري سگهي ٿو. اختر حسين راءِ پوري جي چوڻ موجب:

> "هر ايماندار ۽ صادق اديب جو ڪم اهو آهي تہ هو قوم ۽
> ملت ۽ رسم، آئين جي پابندين کي هٽائي، زندگيءَ جي
> اتحاد، ٻڌي ۽ انسانيت جي هيڪڙائي جو پيغام ڏئي.
> صحيح ادب جو معيار اهو آهي تہ هو انسانيت جي مقصد
> جي ترجماني اهڙي طريقي سان ڪري جيئن ان جو گهٽي
> کان گهٽا ماڻهو اثر قبول ڪن. ان لاءِ خلق جي خدمت جو
> جذبو پهرين هجڻ گهرجي." (راءِ پوري، 2000: 478)

ادب زندگيءَ جو آئينو يا تفسير مڃيو ويو آهي، يعني جيڪي ڏاڍ، ڏهڪاءَ، پريشانيون، هيناهيون مٺانيون، ڏک سک، خوشي ۽ غم، برايون ۽ سٺايون سماج ۾ موجود آهن، سي ادب ۾ بہ ملڻ کپن. ڪن اديبن صرف زندگيءَ جي هڪ پاسي. سٺاين، خوشين ۽ سکن کي پيش ڪيو آهي، پر ڪن زندگيءَ جو ٻيو پاسو بہ ڏيکاريو آهي جيڪو تلخ ۽ بظاهر گندگيءَ وارو پر حقيقتن تي ٻڌل آهي. ميڪسم گورڪيءَ جي چوڻ موجب:

> منهنجي حياتيءَ ۾ ڪي اهڙيون گهڙيون بہ اينديون آهن،
> جڏهن مان سوچيندو آهيان تہ 'ان گندگيءَ' کي لکان يا نہ.
> پر يقين سان چوندو آهيان تہ انهن حياتيءَ جي گندگين تي
> ضرور لکندس. اها گندگي تہ هڪ ننر ۽ نڪورو سچ آهي.

جو اجا تائين ناس نہ ٿيو آهي. اها هڪ اهڙي حقيقت آهي، جنهن کي انسان جي حياتيءَ مان هوند ڀاڙون پٽي ٻاهر اڇلائجي ۽ ان کي ڀسم ڪري ڇڏجي.“ (گورڪي، بمطابق ٻاٻاڻي، 2010: 198)

حقيقت نگاريءَ جي تحريڪ جيڪا رومانويت جي تحريڪ جي ضد ۾ اڀري، تنهن پنهنجي لاءِ نوان بنياد قائم ڪيا. رومانويت پسند آزاد ۽ خوبصورت دنيا جي عڪاسي ڪندا هئا. رومانوي تخيل ۽ مبالغي آرائيءَ کان ڪم وٺندا هئا. اهي اديب کليل اکين سان خواب ڏسڻ لڳا هئا.

رومانويت ڇا آهي ان جي باري ۾ اديبن ۽ فلسفين مختلف رايا ڏنا آهن، پر

> گهڻو ڪري سڀ انهيءَ ڳالهہ تي متفق آهن تہ رومانويت انهيءَ داخلي قوت جو نالو آهي، جيڪا نا معلوم کي معلوم ڪرڻ ۽ نئين شئي کي تخليق ڪرڻ تي آماده ڪري ٿي. رومانوي نظريي مطابق، تخيل، آئيني جيان عڪاسي نٿو ڪري، اهو صرف موجوده حقيقتن جون تصويرون نٿو ناهي، پر تخيل هڪ ڏيئي وانگر آهي جنهن جا شعاع اونداهيءَ جي سيني کي چيري، زندگيءَ جي لڪل پهلوئن کي روشن ڪن ٿا. غائب کي حاضر ڪن ٿا ۽ عدم کي وجود ۾ آڻين ٿا. ائين تخيل نئين حقيقت جو انڪشاف ڪندڙ آهي. معنيٰ رومانيت جو نظريو تخيل، تجسس ۽ انڪشاف جي اهليت جو نالو آهي. (ميمڻ، 2002: 283)

عام طور حقيقت نگاريءَ کي رومانوي تحريڪ جو رد سڏيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ تہ هو خيال ۽ هي حقيقت کي اهميت ڏين ٿا. ڪن جو رايو آهي تہ:

> ”ومانوي تحريڪ ۾ اديب کليل اکين سان خواب ڏسڻ جا عادي ٿي ويا هئا ۽ ائين ئي زندگيءَ جي اصل حقيقتن کان رشتو ڪٽجي وين ۽ پوءِ اهي خلائن ۾ اڏرڻ ۽ ڏسڻ لڳا. ان لحاظ کان رومانوي تحريڪ جذبي جي انتها پسنديءَ کي فروغ ڏنو.“ (راءِ پوري، 2000: 470)



رومانوي تحريڪ پڻ زندگي جو هڪ نئون رخ پيش ڪيو پر ان تحريڪ زندگيءَ جي صرف هڪ پهلوءَ کي ڏٺو ۽ چٽيو. رومانوين دنيا کي گهڻو آسان ۽ خوبصورت ڪري پيش ڪيو پر ظاهر آهي تہ زندگي جيتري آسان آهي، ايتري ئي مشڪل بہ آهي ۽ جيتري خوبصورت آهي، ايتري ئي بدصورت بہ آهي. ان تحريڪ جي ردعمل ۾ حقيقت نگاريءَ جي تحريڪ جنم ورتو جنهن ادب کي زندگيءَ جو ترجمان قرار ڏنو. حقيقتن کي سچائيءَ سان بيان ڪيو. هن تحريڪ، تخيل جي بجاءِ حقيقت ۽ داخليت جي بجاءِ خارجيت کي اهميت ڏني. حقيقت نگاريءَ جي تحريڪ لاءِ علي عباس جلالپوري چوي ٿو تہ:

> ادب ۽ فن جي مشهور تحريڪ جو آغاز رومانويت جي نرم دل جذبات ۽ غلط راهہ تي هلندڙ تخيل آميزيءَ جي خلاف احتجاج سان ٿيو هو. اڻويهين صديءَ ۾ ماڻهن جي گڏيل بيداريءَ جا آثار نمايان ٿي ويا هئا، ان زماني جا اڪثر اديب هيٺئين طبقي سان تعلق رکندا هئا، جيڪي ڳوٺاٽي زندگي، معاشي ۽ معاشرتي مسئلن کان واقف هئا. اتفاق سان انهن کي عوامي زندگين سان محبت پيدا ٿي وئي. جرمني، فرانس، روس ۽ انگلستان جا اديب شهري ۽ ڳوٺاٽي زندگيءَ جي ترجماني ڪرڻ لڳا هئا. جيڪا هوريان هوريان هڪ تحريڪ جي صورت اختيار ڪري وئي هئي. اڄ تائين ڪيترين ئي تحريڪون جڙي ۽ وري ختم ٿي چڪيون آهن، پر حقيقت نگاريءَ جي تحريڪ ۾ فرق نہ آيو آهي. (جلالپوري، 2000: 135-136)

رومانيت جي تحريڪ جا ٽي خاص عنصر آهن:

1: رومانوين جو داخليت تي خاص زور هو.

2: خيالي دنيا ۾ رهڻ وارا هئا.

3: ماضي پرست هئا.

رومانويت پسند حال کان گهڻو بيزار هئا ۽ ماضيءَ جا پرستار هئا. رومانويت انسان کي آزاد، خود مختيار، اعليٰ درجي جو ۽ ديوتا ڇيو آهي. پر حقيقت نگارن جي

نظر ۾ انسان عام انسان ئي آهي. ان ڪري حقيقت نگاريءَ تي ٻڌل تحريرن ۾ ماڻهوءَ کي سپرمين يا مافوق الفطرت قوتن جو مالڪ ڏيکارڻ بجاءِ ان کي عام انسان طور ئي پيش ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته ماڻهن جي اڪثريت تڪليفن ۽ مسئلن جو شڪار آهي، ان ڪري انسان کي مجبور، ڪمزور ۽ جبلتن جي ور چڙهيل ڏيکاريو ويو آهي ۽ انهن جي بيوسيءَ جو ذميدار سماجي حالتن ۽ حڪومتي نظامن کي قرار ڏنو ويو آهي.

حقيقت نگارن زندگيءَ جي عام پاسن کي ڏٺو ۽ انهن جي پس منظر کي پيش ڪيو. هنن هٽرادو ماحول نه گهڙيو آهي ۽ نه ئي هٽرادو ڪردار خلقيا آهن.

حقيقت نگارن، زندگيءَ کي ويجهڙائيءَ کان ڏٺو. زندگيءَ جي خوبصورتي ۽ بدصورتي، ان جون برايون ۽ ڀلايون پوري تخليقي سگهه سان جيئن جو تيئن بيان ڪيون. افلاطون چيو ته: ”سٺي ۽ جٽادار ادب جو بنياد آهي زندگي جي آزمودن ڏانهن، حقيقتن جي سچائي ڏانهن ۽ پاڻ ڏانهن پوري ايمانداري. (افلاطون، بمطابق ٻاٻاڻي، 2006: 76)

حقيقت نگاريءَ جي تحريڪ، ادب ۾ ان ايمانداريءَ کان ڪم ورتو. حقيقت نگاري جي اها روايت پراڻي آهي. جنهن ۾ سماجي حالتن جي عڪاسي، ادب جو اصل جوهر سمجهي ويندي هئي. عزيز احمد جي چوڻ موجب ته:

> سائنس جهڙيءَ ريت سچائي آهي ۽ شين ۽ جنسن جي حقيقتن جو معائنو ڪرڻ چاهيندي آهي. حقيقت نگاري، ادب ۽ آرٽ ذريعي اهو ڪم ڪرڻ چاهي ٿي. حقيقت نگاريءَ ۾ ذاتي وجدان ۽ انفرادي نظر کي اهميت نه هوندي آهي. حقيقت نگاريءَ جو نقطهٔ نظر ساڳيو ئي غير شخصي هوندو آهي. ان جو اولين مقصد زندگيءَ جي عڪاسي هوندو آهي. حقيقت نگار ڪجهه نه لڪائيندو آهي، البته هو اڻ لاڳاپيل تفصيلن کي گهٽائي ڇڏيندو آهي. هن جو انداز بيان بلڪل صاف سترو ۽ سڌو هوندو آهي. سندس اسلوب، سندس موضوع سان پوريءَ ريت هم آهنگ هوندو آهي. (عزيز،.... : 31)

حقيقت نگاري، حقيقتن کي گهرائيءَ ۽ گهڻ طرفائيءَ سان پيش ڪري، زندگيءَ لاءِ نئين معنيٰ جي ڳولا ڪري ٿي. جڏهن زندگي وڏيڪ مشڪل ۽ تلخ بڻجي



وڃي ٿي ته حقيقت نگار ان کي جيئڻ جي قابل بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار نڀائڻ لاءِ سامهون اچن ٿا. هاورڊ فاسٽ لکي ٿو ته:

> ”جڏهن مان ادب ۾ حقيقت نگاريءَ جي ڳالهه ٿو ڪريان ته منهنجو مطلب ان مان اها حقيقت نگاري ۽ سچ آهي، جنهن جو سماج، ماحول ۽ حالتن سان واسطو آهي. حقيقت نگاري وڏي ڪسوٽي آهي. پر اها تاريخي پس منظر ۽ ان جي روشنيءَ ۾ ئي ڏسڻي آهي.“ (فاسٽ،.....: 197)

حقيقت نگاريءَ جي تحريڪ اڻويهين صدي ۾ پيدا ٿي هئي ۽ هيءَ تحريڪ پوري جوش ۽ جذبي سان اڀري هئي، پر ان تحريڪ کي وڏيڪ زور روس جي ليکڪن ونرايو جنهن ۾ چيخوف، گورڪي، ٽالسٽاءِ، دوستو وسڪيءَ کي لازوال حيثيت حاصل آهي. ويهين صدي سياسي ۽ سماجي تحريڪن لاءِ ڪافي سازگار ثابت ٿي. 1917ع ڌاري روس ۾ آيل انقلاب ماڻهن ۾ هڪ نئون جوش ۽ جذبو پيدا ڪيو. ڪمزور عوام ۾ مقابلي ڪرڻ جي سگهه پيدا ٿي. ماڻهن جي اکين تي جيڪا گمراهيءَ جي پٽي چڙهيل هئي، ان انقلاب اها پٽي لاهي ڦٽي ڪئي ۽ اونداهين کي ختم ڪيو. روشنيءَ جي هڪ نئين لاٽ پيدا ٿي. روس جي انقلاب کي ڏسي مختلف خطن جي ماڻهن ۾ پنهنجي حقن ۽ آزادين لاءِ ويڙهه جو شعور پيدا ٿيو. ويهين صديءَ دوران ٿيل ٻن عالمي جنگين دنيا جو وڏو نقصان ڪيو ۽ دنيا ٽٽي ڦٽي وئي. انهن جنگين البته ماڻهن ۾ جيئڻ ۽ جدوجهد يا هڪ نئين دنيا قائم ڪرڻ جو اتساهه به پيدا ڪيو ۽ نتيجي ۾ ادب به زندگيءَ جو ترجمان بڻجي ويو. انهن حالتن جا هندستان تي به اثر پيا. 1915ع ڌاري هندستان ۾ ڪيترين ئي تحريڪون هليون، جن جو مول متو ”سماج سڌارڻ“ هو. ان صديءَ دوران جيڪو ادب تخليق ٿيو ان جا موضوع خاص طور سماجي مسئلن سان جڙيل هئا. ان وقت جا موضوع دقيانوسي ريتون رسمون، بک، بدحالي، بيروزگاري، ڏاج، ٻي جوڙ شاديون وغيره هئا. سنڌي ادب به اڪثر هندستاني ٻولين وانگر اهڙن ئي موضوعن تي ٻڌل هو. 1927ع ڌاري چينمل پرسرام ’چمڙا پوش‘ جي نالي سان ڪهاڻيون لکي، سرمائيدارانه نظام خلاف پهريون آواز اٿاريو ۽ ائين هوريان هوريان سنڌي ادب ۾ حقيقت نگاريءَ جي تحريڪ کي هٿي ملڻ شروع ٿي. حقيقت جو دارومدار پڻ سماج يا ماحول تي هوندو آهي. جيئن سماج ۾ تبديلي

ايندي آهي، ادب بہ نوان نوان دڳ اختيار ڪرڻ شروع ڪندو آهي ۽ ان ۾ نيون نيون تحريڪون پنهنجا پير کوڙڻ شروع ڪنديون آهن. حقيقت نگاري بہ هڪ تاريخي ضرورت تحت وجود ورتو. گورڪي حقيقت نگاريءَ جي تاريخ ٻڌائيندي چوي ٿو:

> انگلينڊ حقيقت نگاريءَ جي ماءُ ۽ چاسر حقيقت نگاريءَ جو ابو آهي. چاسر 1340ع ۾ ڄائو هو. جنهن جون پهريون حقيقت واريون لکڻيون 'ڪئنٽر بري ٽيلسن' نالي ڪتاب ۾ ظاهر ٿيون. هن کان پوءِ شيڪسپيئر جهڙو اعليٰ اديب پيدا ٿيو ۽ ان کان پوءِ ڪيترا ئي حقيقت نگار انگلينڊ جي ادب تي چمڪيا. (گورڪي، بمطابق ٻاٻاڻي، 2006 : 80)

اڻويهين صديءَ ۾، انگلينڊ ۾ سرمائيدارانہ نظام سماجي طاقت بڻجي اُڀريو. ان صديءَ ۾ انگلينڊ ۾، ادب جو هڪ اهم دور شروع ٿيو. سرمائيدارانہ نظام نئين دنيا کي جنم ڏنو. نون جذبن ۽ قدرن کي جنم ڏنو ۽ ان نظام عوام کي وڏيڪ پيڙيو ۽ ڏکن اندر ڌڪي ڇڏيو. ۽ مصيبتن جي گهيري ۾ وجهي ڇڏيو. پر پوءِ جلد ئي اها خبر پئي تہ اها شروعات، ڏک ۽ عذاب ۽ پيڙيندڙ آهي. ان جي جواب ۾ روسي حقيقت نگارن، گوگول ۽ چيخوف ان ادب تي تنقيد ڪئي ۽ انهن سماج جي غلط ڪارين جي هڪ نئين انداز سان تصوير پيش ڪئي. سماجي حقيقتن سان گڏ سماج جي حقن جو بہ پيغام پهچايو ويو. انهن عوام کي سرمائيدارانہ نظام/غلامي، مصيبتن ۽ لالچ جي گهيري مان ٻاهر آڻڻ جو ڪم ڪيو.

**سماجي حقيقت نگاري:**

حقيقتن کي جيئن جو تيئن بيان ڪرڻ کي حقيقت نگاري چيو وڃي ٿو. سماجي حقيقت نگاري، حقيقت نگاريءَ جو اڳيون قدم يا لاڙو آهي، جنهن حقيقتن کي جيئن جو تيئن بيان ڪرڻ بجاءِ انهن کي تبديل ڪبو جيئن اهي هئڻ گهرجن، تنهن کي پنهنجو معيار بڻايو. حقيقت نگاري زندگيءَ تي تنقيدي نگاهہ تہ ضرور وڌي، پر ان ۾ ڪنهن غير معمولي تبديلي، نواڻ يا انقلاب لاءِ اتساهہ پيدا نہ ڪيو. اهو ڪم سماجي حيقيقت نگارن ڪيو.

حقيقت نگارن جي پيٽ ۾ سماجي حقيقت نگارن سماج کي ويجهڙائيءَ کان پرکيو ۽ ڄاتو آهي. انهن حقيقتن جي تهہ تائين پهچي، انهن کي وائکو ۽ بي پردہ ڪيو



آهي. گڏوگڏ ان ۾ بدلاءُ جو اتساهہ پڻ پريو آهي. زندگيءَ کي بهتر، خوشحال، سٺي لاءِ هڪ جهڙو خوبصورت ۽ جيئڻ جي قابل بڻائڻ لاءِ مصنف جو پيغام ۽ سماج جي حقيقتن جو ميلاپ ئي، سماجي حقيقت نگاريءَ جو اصل جوهر آهي. سماجي حقيقت نگارن، انسان جي اندروني زندگي ءَجي لڪل حقيقتن ۽ تضادن ڏانهن بہ ڌيان ڏنو ۽ حقيقتن جو مشاهدو، تجزيو ۽ اپياس ڪري، انهن جي خوبصورتي پيدا ڪئي آهي. هو صرف حياتيءَ جون خيالي ۽ ڪوڪليون حقيقتون چٽيندڙ نہ آهن، پر زندگيءَ کي خوبصورت بنائڻ لاءِ نيون راهون ۽ نوان رستا پڻ هموار ڪرڻ جو هنر رکن ٿا. حقيقت نگاريءَ جي پيٽ ۾، سماجي حقيقت نگاري هڪ باقاعده ڪميٽيڊ ادبي تحريڪ هئي. حقيقت نگاري، حقيقتن کي جيئن جو تيئن پيش ڪرڻ لاءِ ذميدار هئي پر سماجي حقيقت نگاري فقط حقيقتن جي بيان تائين محدود نہ آهي. ان جو ان ڳالهہ سان بہ واسطو آهي تہ انهن حقيقتن جا محرڪ ۽ سبب ڪهڙا آهن. ساڳئي وقت هن ادبي تحريڪ، سماج جي طبقاتي اوچ نيچ تي بہ گهري نموني سوچ ويچار ڪري ۽ ظالم بجاءِ مظلوم ۽ استحصال جي شڪار ماڻهوءَ جي پنيرائي کي لازمي فرض ڄاتو. اڪبر لغاريءَ جي چوڻ موجب تہ:

> سماجي حقيقت نگاريءَ جو مقصد هو خوبصورت ادب جي بجاءِ مظلومن ۽ مسڪينن جي اهنجن جي عڪاسي ڪريو. ظالم جي ظلم کي وائکو ڪرڻ لاءِ قلم کان تلوار جو ڪم وٺڻ ۽ مظلومن جي مدد ڪرڻ. (لغاري، 2008: 56)

سماجي حقيقت نگاري ۽ حقيقت نگاريءَ ۾ اهڙو ئي فرق آهي، جهڙو فوٽوگرافي ۽ چترڪاري ۾ آهي. حقيقت نگارن، سماج جو ڪيمرا وانگي جيئن جو تيئن فوٽو ڪڍي سامهون رکيو. پر سماجي حقيقت نگارن آرٽسٽ جيان سماج جي حقيقتن جا نقش چٽيا ۽ موجود حقيقتن کي پنهنجي تصور ۽ فڪر مطابق ان ۾ نواڻ يا بدلاءُ پڻ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. مثال طور ڪنهن ٻوٽي جي تصوير ڪيمرا وسيلي ڪڍجي تہ اهو ٻوٽو ائين ئي نظر ايندو، جيئن حقيقت ۾ هوندو. جي گل هوندا تہ گل نظر ايندا، نہ هوندا تہ ٻوٽو بنا گلن جي ڏسبو- پر ساڳي تصوير چترڪار پينٽ ڪندو تہ ٻوٽي کي خوبصورت ڏيکارڻ لاءِ ان ۾ پنهنجيءَ پسند جي رنگ جا گل پڻ ٺاهي سگهندو. جنهن سان ٻوٽي ۽ تصوير ٻنهي جو حسن وڌندو. يعني حقيقت نگار جو ڪم حقيقتن کي جيئن جو تيئن

پيش ڪرڻ آهي، پر سماجي حقيقت نگار لڪل ۽ پوشيده حقيقتن کي پڻ سامهون آڻي بيهاريندو آهي. سماجي حقيقت نگار پنهنجا تاثرات، جذبات، محسوسات ملائي، سماجي حقيقتن جي هڪ نئين تصوير جوڙيندو آهي ۽ گهرائي تائين وڃي انهن حقيقتن جا محرڪ ۽ مسئلن جا حل ڳولي لهندو آهي. انسان ذات ۾ هڪ نئون روح ڦوڪي وجهندو آهي ۽ ان ۾ تبديلي ۽ نواڻ لاءِ اتساهه پيدا ڪندو آهي - ايئن انسانذات جي لاءِ نوان رستا جڙندا آهن. ڪيمرا يا تصوير ڪڏهن به اصل حقيقتن کي چٽو نه ڪري سگهندي آهي پر مصوري انهن حقيقتن کي زنده ڪري پيش ڪري ٿي.

”برگسان مقدمہ مابعد الطبعيات ۾ سائنس ۽ جبلت تي بحث ڪندي چيو ته: اگر هو پيرس جون هزارين تصويرون ڪڍي ۽ گڏ رکي، پوءِ به ان مجموعي مان پيرس جي روح جو اظهار نه ڪري سگهندو پر ان جي ابتڙ جيڪڏهن هو پيرس جي روڊ تان گذرندي، ڪجهه تاثرات نوٽ ڪري ته اهي ملي ڪري پيرس جو روح تعمير ڪري وٺندا. (جالبي، 95:1986)

سماجي حقيقت نگارن جو نظريو انساني زندگيءَ جي حقيقتن کي نه صرف چٽڻ هو بلڪ انسانن جي روحن تائين پهچڻ پڻ هو. هو پنهنجي چوڌاري جيڪي حقيقتون ڏسي رهيا هئا، انهن کي نه صرف چٽيائون پر خاص طور ان جو بدلجندڙ روپ پڻ ڏسيائون. جڏهن ته حقيقتن جو مٿاچرو بيان نه ئي ڪنهن بدلاءُ جو سبب بڻجي ٿو ۽ نه ان جي پيدا ٿيڻ جو سبب پيش ڪري ٿو. حقيقت نگارن فقط زندگيءَ لاءِ آئيني جو ڪم ڪيو، اهي انساني زندگين جا عڪاس ۽ ترجمان رهيا پرانساني اندر جي ڪائنات کي مڪمل طور چٽڻ ۾ ناڪام رهيا. جميل جالبيءَ جي چوڻ موجب:

اهي اديب جن زندگيءَ جي آئينہ داري ادب ۾ پئي ڪئي ۽ ڪيمره جو ڪم پئي ڪيو، اهي انسان جي روح تائين نه پهچي سگهيا هئا. انهن وٽ تبديليءَ جو ڪارڻ نه هو. اهو ادب نه هو جيڪو زندگيءَ ۾ نئين معنيٰ پيدا ڪري. زندگي ادب جو آئينو آهي، ان معنيٰ ادب کي هڪ فارمولو ناهي ڇڏيو. (جالبي، 1986: 75)



سماجي حقيقت نگاري لاءِ ائين چئي سگهجي ٿو ته رومانويت ۽ حقيقت گڏجي، هڪ نئون روپ اختيار ڪيو، جنهن هن نئين ادبي تحريڪ جي مٽي ڳوهي. رومانويت جو بنيادي مقصد، خيال آرائي ۽ تصورات پيشڪش آهي. ائين سماجي حقيقت نگاريءَ ۾ سماج ۾ بدلاءُ جو عنصر تخيل تي ٻڌل هوندو آهي. هو پنهنجي خيال جي بنياد تي سماج ۾ تبديلي جي راهه ڏيکاري ٿو. حقيقت ڇا آهي؟ ان کي بيان ڪرڻ ۾ ته هو بهو ڪردار حقيقي ادا ڪري ٿو پر ان کي ختم ڪرڻ يا سماج ۾ ان حقيقت سان مهاڏو اٽڪائڻ ۾ گهڻو ڪم خيال کان ورتو ويندو آهي. اهو عنصر گهڻو رومانوي ڌارا ۾ رهيو آهي. ائين چوڻ به غلط نه ٿيندو ته رومانويت ۽ حقيقت نگاري ملي سماجي حقيقت نگاريءَ کي جنم ڏنو. رومانويت جو صرف هڪ عنصر ملي ٿو جيڪو آهي تخيل. تخيل به اهو جيڪو حقيقت کي بدلائڻ لاءِ اتساهه پيدا ڪري نه ئي ڪنهن جڙتو ۽ خوبصورت دنيا جو ڏيک ڏئي. ڪيرت ٻاٻاڻي جي چوڻ موجب: سماجي حقيقت نگاري اها آهي جنهن ۾ رومانوي بحث ۽ حقيقي دنيا ٻئي سمائجي وڃن ٿا.“ (ٻاٻاڻي، 2006، 84)

سماجي حقيقت نگار، ماضي، حال ۽ مستقبل جا چترڪار ثابت ٿيا هئا. حقيقت نگار پنهنجي ماحول، حالتن، حقيقتن جا سخت نقاد هوندي به انهن لاءِ اهو ممڪن نه هو ته اهي حياتيءَ جي آئيندي جو بدلجندڙ روپ پيش ڪري سگهن. سماجي حقيقت نگارن نه صرف بدلجندڙ زندگيءَ جو روپ ڏيکاريو پر اهو تصور پڻ پيش ڪيو ته ڪهڙي طرف ترقيءَ جي روشن راهه نظر ايندي ۽ ترقي لاءِ ڪهڙو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي. هنن شين کي پرکڻ جو هڪ نئون شعور پڻ عطا ڪيو. سماجي حقيقت نگار هر حوالي سان هڪ نئين سوچ جا مالڪ هئا. جميل جالبيءَ جي چوڻ موجب: ”ادب جو بنيادي ڪم ’ظاهري حقيقتن‘ کان بهتر حقيقتن کي پيش ڪرڻ آهي ۽ انهن کي ڳولڻ آهي. ان جو نالو روح آهي.“ (جالبي، 1986، 75)

اهي حقيقتون جن جو تعلق ته سماج سان آهي پر انهن جي بيان جي ڪا به گهري معنيٰ يا مقصد نه هجي ۽ جن جي سامهون اچڻ سان ڪنهن به اٿل پٿل يا تبديليءَ جي اميد نه هجي، انهن کي سماجي حقيقتن ۾ شمار ڪرڻ اجايو ٿيندو.

”صرف سماجي حقيقتن کي چٽڻ سماجي حقيقت نگاري نه آهي. سڀ اهميت پريون حالتون ۽ ويچار جيڪي اڄ

جي زندگيءَ مان اپرن ٿا ۽ سماجڪ ويچارن کي اڳتي وٺي
وڃن ٿا. سي (اهم ويچار) سماجي حقيقت نگاريءَ جون
دلچسپي واريون ڳالهيون آهن ۽ ان جي حدن اندر ئي اچي
وڃن ٿا.“ (خواجه 2010:203)

ادب ۽ زندگيءَ جو تعلق انساني تهذيب جي ابتدا کان ئي نظر اچي ٿو. پر اهو لاڳاپو ڪڏهن هلڪو ته ڪڏهن گهرو نظر ايندو. ادب جو تخليقار انسان آهي ۽ سماج جو رهواسي به انسان آهي. ايئن ادب انساني زندگيءَ جو آئينو ۽ سماج جو ترجمان آهي ته ان جو ڪارڻ بنهي وچ ۾ موجود فطري ربط ۽ ڳانڍاپو ئي آهي. ادب انساني تاريخ جي هر دور ۾ انساني احساسن، سوچن ۽ جذبن جو ترجمان هئڻ جو شرف رکي ٿي، پر سماجي حقيقت نگاريءَ جي تحريڪ ان کي آگاهي، شعور، فهم ۽ ادراڪ جو به ذريعو بڻائي ڇڏيو. هن تحريڪ، تخيل کان فڪر جو سفر ڪيو ۽ ادب ۾ گهرائي پيدا ٿي. ڊاڪٽر الهداد بوهيي جي چوڻ موجب:

ادب ۽ سماجي نفسيات جو تعلق واضح آهي. ادب هڪ سوچيندڙ سماج جي بنيادن تي قائم ٿئي ٿو ۽ اديب ان سوچيندڙ سماج جي زبان جيان سماج جي سوچ جو اظهار ڪري ٿو. ادب انهيءَ اظهار جو نالو آهي، جيڪو هڪ سوچيندڙ سماج جي سوچ جي پيداوار آهي. (بوهيو 1984:25)

اڻويهين صديءَ ۾ حقيقت نگاريءَ جو جادو ماڻهن تي ڇانيل رهيو آهي. اڻويهين صديءَ جي ليکڪن حقيقتن کي چٽڻ ۾ جيڪا ڪسر ڇڏي، ان کي ويهين صديءَ ۾ سماجي حقيقت نگارن اچي مڪمل ڪيو. ويهين صديءَ ۾ سماجي حالتن جي تبديليءَ هيٺ حقيقت نگاريءَ جي تحريڪ اڳتي وڌي، سماجي حقيقت نگاريءَ جي درجي کي پهتي. سماجي حقيقت نگاريءَ جي تحريڪ، سماجي حالتن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي ۽ ادب کي انساني زندگين جو عڪاس ئي نه، ان ۾ تبديلين جو به بنياد قرار ڏنو. ٻي مها ياري لڙائي ان تحريڪ لاءِ ڪافي سازگار ماحول پيدا ڪيو جنهن سبب ماڻهن ۾ اتساهه ۽ جوش جو جذبو جاڳيو. ان لڙائيءَ جو انساني سماج ۽ زندگين تي ڪافي گهڻ طرفو اثر پيو. ان لڙائي انساني شعور ۾ واڌارو آندو. ماڻهن ۾ پنهنجا حق حاصل ڪرڻ جو ولولو پيدا ٿيو. هر طبقي جي ماڻهن پنهنجن حقن لاءِ آواز اٿارڻ



شروع ڪيو. هارين، زميندارن کان، مزدورن، مالڪن کان، زالن، مردن کان، هر هيٺو طاقتور جي اڳيان ڀرپور طاقت سان اڀريو. سڀ مظلوم ظالم کان آزادي گهرڻ لڳا. ان جو اثر اسان جي ادب تي پڻ ٿيو ۽ ليکڪن کي غريب ماڻهن جا حق ياد آيا.

سماجي حقيقت نگاريءَ جي تحريڪ سماجي مسئلن، حقيقتن ۽ پيڙائن کي تخليقي صورت عطا ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ اڳتي هلي هڪ نئين ادبي تحريڪ جنم ورتو. ان تحريڪ غريب عوام جي اهنجن ۽ مسڪين ۽ مظلوم ماڻهن جي پيڙائن ۽ مسئلن جي عڪاسي ڪرڻ سان گڏ، ادب ۾ تبديليءَ ۽ نواڻ جي ڏس ۾ پڻ اعليٰ ڪردار ادا ڪيو. هنن نه فقط ادب جي ٻولي عوامي بڻائي، ڪردار ۽ هيروز مٽايا، پر خود ادبي صنفن ۾ اسلوب ۽ هيئتن جا تجربا به ڪيا. ايئن هيءَ تحريڪ گهڻ رخي انقلابي تحريڪ هئي. فڪري سطح تي هن جو سمورو زور معاشي اڻ برابريءَ جو خاتمو ۽ پيڙيل طبقن جي حمايت هو. ويهين صديءَ جو ادب موضوعن جي حوالي سان غريب عوام جي چوگرد ان ڪري ئي ڦري ٿو ڇاڪاڻ ته هن صديءَ ۾ سماجي حقيقت نگار ليکڪن جو عروج هو. اختر حسين راءِ پوري 1935ع ۾ لکيل پنهنجي هڪ مضمون ”ادب اور زندگي“ ۾ تمام اهم نڪتا اٿاريا آهن:

منهنجي خيال ۾ ته ادب جي مسئلن کي زندگي جي ٻين مسئلن کان جدا نه ٿو ڪري سگهجي. زندگي هڪ مڪمل اڪائي آهي.... ۽ ادب زندگيءَ جو آئينو ۽ ڪاروانِ حيات جو رهبر آهي.“ وڌيڪ چيائين: ”هندستاني اديبن کان اسان کي اها توقع آهي. اهي ثابت ڪري ڏيکارين ته ادب جو بنياد زندگي آهي. اهو ئي زنده ۽ سچو ادب آهي، جيڪو سماج کي تبديل ڪرڻ ٿو چاهي ۽ انسانن جي خدمت جي آرزو رکندو هجي. (راءِ پوري، ......، .........)

ڊاڪٽر اختر حسين راءِ پوريءَ جو ڄاڻايل مضمون، هن تحريڪ لاءِ بنيادي فڪري دستاويز جو درجو رکي ٿو. هن پنهنجي تحرير ۾ اهو به واضع ڪيو ته ادب جو موضوع غريب عوام آهي ۽ انهن جي حالتن ۽ زندگين جي تبديليءَ سان ئي سماج ترقي ڪري سگهي ٿو. ترقي پسند تحريڪ پورهيت طبقي کي اتساهيو. انهن ۾ جوش ۽ ولولو پيدا ڪيو. پورهيتن ۽ هارين جهڙي لاچار، بيوس ۽ مظلوم ماڻهن مان

مايوسي ختم ڪري، انهن ۾ انقلابي روح ڦوڪيو ويو. علي عباس جلالپوريءَ جي چوڻ موجب تہ:

> ويهين صديءَ جي اشتراڪي انقلاب ڪان پوءِ ان تحريڪ ترقي پسند تحريڪ جو روپ اختيار ڪيو. ترقي پسند شاعر ۽ قصہ نويس صرف عوام جي روزمره جي زندگيءَ جي عڪاسي ۽ ترجماني نہ ڪندا آهن بلڪ انهن ۾ انقلابي جوش ۽ جذبو بہ جاڳائيندا آهن. (رائپوري 2000: 136)

ترقي پسند تحريڪ جو جنم 1932ع ڌاري ئي ٿي چڪو هو. ترقي پسند تحريڪ هڪ فورم آهي، جنهن جو نظريو سماجي حقيت نگاري آهي. هن تحريڪ 1932ع ڌاري، جڏهن اجا چڻنگ شعلو نہ بڻي هئي، ڪن اهم قدرن جي خلاف بغاوت جو اظهار ڪيو.

1932ع ڌاري افسانن جو ڪتاب ’انگاري‘ شايع ٿيو جنهن کي بغاوت جي هڪ اعلان نامي طور ڏٺو ويو. سموريون ادبي تاريخون لکن ٿيون تہ ترقي پسند تحريڪ جو آغاز ئي انگاري جي شايع ٿيڻ سان ٿيو. انگاري جا ليکڪ سجاد ظهير، احمد علي، رشيد جهان، محمود الظفر هئا. سجاد ظهير جي چوڻ موجب تہ: ”انگاري جي گھٽين ڪهاڻين ۾ سنجيدگي ۽ ٺهراءُ گھٽ، سماجي رجعت پرستي ۽ دقيانوسيت جي خلاف ڪاوڙ ڏاڍي هئي.“ (ظهير، روشنائي 1985:45)

1933ع ڌاري انگاري جي خلاف مضمون لکيا ويا ۽ ان ڪتاب کي ضبط ڪرايو ويو. پرجڏهن ڪتاب ضبط ٿيو تہ ماڻهن ۾ پڙهڻ جو وڌيڪ جوش ۽ جذبو پيدا ٿيو. ماڻهن ان ڪتاب کي ڳولي ڳولي پڙهيو. ائين آهستي آهستي ترقي پسند اديبن هڪ اعليٰ مقام حاصل ڪري ورتو.

البتہ هيءَ تحريڪ پنهنجي پختگي ۽ زور شور سان 1936ع ۾ ئي پير پختا ڪيا. 1936ع ڌاري شروع ٿيل هن تحريڪ جو خاص مقصد اهو هو تہ ادب ئي زندگيءَ ۽ سماج کي بدلائڻ ۽ ان ۾ خوبصورتي پيدا ڪرڻ جو تخليقي رستو آهي. ان خيال مطابق ان تحريڪ نہ صرف پنهنجي صلاحيتن کي ظاهر ڪيو پر جيڪو ادب لکجي چڪو هو ان کي بہ ان لحاظ کان پرکڻ جي گھڻي حد تائين ڪوشش ڪئي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ معياري تخليقي ادب جي تحريڪ جنم ورتو. هن



تحريڪ اهو پڻ ثابت ڪيو تہ ماڻهن جي زندگين کي گهرائيءَ ۽ ويجهڙائيءَ کان ڏسندڙ اديب ئي ماڻهن جي دلين ۾ جاءِ جوڙڻ جو صحيح رستو ثابت ٿي سگهي ٿو. هن تحريڪ جو اثر روسي ادب تي گهڻو ڏسي سگهجي ٿو پر سنڌي ادب تي پڻ ڪيترن ئي حوالن سان هيءَ تحريڪ اثرانداز رهي. سنڌ ۾ هن ادبي تحريڪ جاگيردارانہ، سرمائيدارانہ نظام خلاف پرپورآواز اٿاريو. مسڪينن ۽ مظلومن جي حمايت ۾ قلم کنيو ويو هو ۽ کين غلامانہ زندگيءَ مان نجات ڏيارڻ لاءِ روشن خواب پوکيا ويا. ڊاڪٽر عامر سهيل لکي ٿو:

> 1936ع ڌاري ترقي ترقي پسند تحريڪ جي ابتدا ٿي، جا هڪ لحاظ کان رومانوي تحريڪ جو رد عمل هئي. ترقي پسند تحريڪ رومانوي تحريڪ جيان هلڻ بجاءِ هڪ ذهني بغاوت جي شروعات ڪئي. انهي سياسي آمريت، جاگيرداري، سرمائيداري، مذهبي آزادي واري، ٻُڪ، سماجي ڏاڍ، سياسي ۽ شخصي آزاديءَ جو مطالعو ڪيو.(سهيل 349:2008)

سماجي حقيقت نگاري، اصل ۾ سماج کي ادب وسيلي انقلابي تبديلين جي خواب جو نالو آهي. هن ئي تحريڪ ادب براءِ زندگيءَ جو نعرو ڏنو ۽ ماڻهن کي جيئڻ لاءِ هڪ مقصد عطا ڪيو. سماجي حقيقت نگاريءَ طور لکيل ادب ذميدار آهي، ۽ اهو ظالم بجاءِ مظلوم جو پاسو ڪٽڻ جو حامي آهي.

**جادوئي حقيقت نگاري:**

جادوئي حقيقت نگاري (Magic realism) ويهين صديءَ جو هڪ اهم ادبي لاڙو آهي، جيڪو دراصل انساني تخيل ۽ خارجي حقيقتن جو ميلاپ آهي.هيءَ هڪ خاص فنڪارانہ پيشڪش آهي، جنهن وسيلي ليکڪ تصور ۽ حقيقت کي، غير معمولي افسانوي رنگ ۾ پيش ڪري، ان کي هڪ ٽين صورت عطا ڪندو آهي.

> جادوئي حقيقت نگاري بيانيي کي پيش ڪرڻ جو مخصوص انداز آهي. هن ٽيڪنڪ ويهين صديءَ جي ادب ۽ بصري فنن تي گهرا اثر وڌا. پهرين عالمي جنگ ۽ ان جي تباهہ ڪندڙ نتيجن جتي زندگيءَ جي ٻين رخن کي متاثر

> ڪيو اتي ادب بہ ان ڪان متاثر ٿيڻ ڪان سواءِ نہ رهي سگهيو. اهو ئي اهو دور آهي جڏهن جديديت زور ورتو ۽ جديديت جي ڪک مان ڊاڊا ازم، سريئلزم، ڪيوبزم، سمبلزم، اظهاريت، شعور جي وهڪري، آزاد تلازمہ خيال، لغويت ۽ تجريديت جهڙين تحريڪن جنم ورتو ۽ ادب جي تخليق ۾ جتي اظهار جا نوان انداز پيدا ڪيا، اتي جادوئي حقيقت نگاريءَ جي ٽيڪنڪ بہ اظهار جي صورت اختيار ڪئي، جيڪا ويهين صديءَ جي شروعات ۾ تہ گهڻي مشهور نہ ٿي، پر اڌ صديءَ ڪان پوءِ بصري فنن مان جڏهن ادب ۾ داخل ٿي تہ جديد فڪشن نگار ان ڪي ڪتب آڻڻ ڪان سواءِ رهي نہ سگهيا. (ملڪ، 2014: 15)

هن ٽيڪنڪ تحت انساني تخيل حقيقتن سان ملي هڪ اهڙي ادب کي تخليق ڪري ٿو، جيڪو جادو ئي يا حقيقتن ڪان مٿانهون لڳندو آهي. هن ادب ۾ ڪيترين ئي ان ٽيڙهين ٽيندي نظر ايندين آهن، جيئن قديم قصن يا ڏند ڪٿائن ۾ پڏندا آيا آهيون. ائين ڪٽي چئجي تہ حقيقت نگاريءَ ۾ رومانوي حقيقت جا ڪجهہ عنصر شامل ڪيا ويندا آهن، جنهن جي نتيجي ۾ ادب ڏندڪٿا جي درجي کي ڇهڻ لڳندو آهي. حقيقت جو ننڍڙو ڪئنواس ڪٽي، ان ۾ مختلف تخيل جا رنگ ڀري اهڙي قسم جي ڪهاڻي پيش ڪئي ويندي آهي، جنهن ۾ قصي نگاريءَ جون سموريون خوبيون محسوس ٿينديون آهن. ٻيءَ معنيٰ ۾ هيءُ پيشڪش يا انداز بيان جو هڪ اهڙو پيرايو آهي، جنهن ۾ ڪهاڻي حقيقت ڪان اڳتي وڃي تصوراتي جهانن ۾ داخل ٿي ويندي آهي ۽ حقيقتن جو اڻ سڌو انداز عطا ڪري ٿي. دراصل جبر ۽ ظلم جي ڏينهن ۾ ليڪڪ علامتن ۽ اڻ سڌن طريقن سان اظهار ڪندا آهن، جنهن جو هڪ طريقو جادوئي حقيقت نگاري بہ آهي. اڪبر لغاريءَ جي چوڻ موجب:

> جادوئي حقيقت نگاريءَ ۾ رومانويت جا جزا دلڪش انداز ۾ ملايا ويندا آهن. ليڪڪ جو اندازِ بيان متحير ڪندڙ ۽ قصہ گوئي وارو، ڪهاڻيءَ جو انجام غير متوقع ۽ غير معمولي هوندو آهي. سڀ ڪان وڏيڪ اهم ڳالهہ آهي ناقابل



> فهم عنصر جو هجڻ. ڪي ڪردار، حالات يا واقعات ناقابل فهم هوندا آهن، جن جي وضاحت نہ تہ ڪردار يا حالتون ڪنديون آهن، نہ وري ليڪڪ ڪندو آهي. اهو پڙهندڙ تي ڇڏيو ويندو آهي تہ هو پنهنجي سمجهہ مطابق ان جي تفهيم ۽ تفسير ڪري.“ (لغاري، 2008: 58)

جادوئي حقيقت نگاريءَ جو اصطلاح فرانز رو 1925ع ڌاري استعمال ڪيو هو، جنهن کي ان دور جي جرمن چترڪارن تي ڳالهائڻ لاءِ هڪ نئين اصطلاح کي گهڙڻو پيو. ڇو تہ هن کي نظر ٿي آيو تہ هنن جون تصويرون عجيب غريب، خواب نما ۽ حيرت ۾ وجهندڙ هيون، ۽ گهڻو ڪري تہ حقيقت ۽ حقيقت ڪان مٿانهن عنصرن جو مرڪب هيون، جن کي اڳ موجود اصطلاحن وسيلي ظاهر ڪري يا سمجهائي نہ پيو سگهجي. اصل ۾ اها مصوريءَ جي مخصوص ٽيڪنڪ هئي، جنهن تحت تخيل ۽ حقيقت کي گڏائي، هڪ نئين پيرايي جو بنياد وڌو ويو هو.

جادوئي حقيقت نگاريءَ جي ٽيڪنڪ ادب ۾ اوج تڏهن حاصل ڪيو، جڏهن وچ ۽ ڏکڻ آمريڪا جي ليکڪن ان کي فڪشن ۾ ڪتب آندو. مثال طور گبرائيل گارشيا مارڪيز 1967ع ۾ هن ٽيڪنڪ کي ”تنهائيءَ جا سئو سال“ ۾ استعمال ڪري، شهرت عطا ڪئي. ان قسم جو فڪشن لکڻ وارن ۾ لوئيس بورخيس، استورياس، ڪارپيئن نيئر، ڪورتازار ۽ گاس ليوسا جا نالا نمايان آهن. عالمي طور هيءُ لاڙو 1950ع ڪان پوءِ عام ٿيو...جيڪڏهن ڇاٽايل ٽيڪنڪ جي ابتدا جو جائزو وٺجي تہ ان کي ٽن دورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهرئين دور جي شروعات ويهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي ۾ ان وقت ٿي، جڏهن فرانز رو ان کي بصري فنن جي لاءِ استعمال ڪيو. ٻيون دور پنجين ڏهاڪي جي ابتدا ڪان شروع ٿئي ٿو جڏهن هيءَ ٽيڪنڪ جرمنيءَ مان نڪري وچ آمريڪا ۾ پهتي. ٽئين دور جو آغاز 1955 ۾ ٿيو، جڏهن لاطيني

آمريڪا جي ليکڪن پنهنجي فڪر کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ان کي هڪ وسيلي طور ڪتب آندو. ان نموني هيءَ ٽيڪنڪ سموري يورپ ۾ ڦهلجي وئي. جرمنيءَ کان وٺي آمريڪا، وچ آمريڪا کان لاطيني آمريڪا ۽ پوءِ يورپ ۾ هن جي مقبوليت ان ڳالهه جو چٽو ثبوت آهي ته مخفي حقيقتون، دٻيل احساس ۽ جذبا ۽ طاقتور طبقي خلاف آواز بلند ڪرڻ ۾، ٽيڪنڪ اديبن جي معاون آهي. (ملڪ، 2014: 22)

گهڻو ڪري ته جادوئي حقيقت نگاري انهن ملڪن جي ليکڪن وٽ ملي ٿي، جن نوآباديات مان جان ڇڏائي هئي ۽ نو آباديات پڄاڻان جي صورتحال کي منهن ڏئي رهيا هئا. خاص طور ٻي عالمي جنگ کان پوءِ واري صورتحال ان حوالي سان بنيادي حيثيت رکي ٿي، جنهن سبب جنگين هٿان گهايل سموريءَ دنيا جا ليکڪ حقيقتن جي ڀيانڪ روپ کان خوف کائي، جادوئي حقيقت نگاريءَ ۾ پناهه حاصل ڪرڻ لڳا هئا. جادوئي حقيقت نگاريءَ سنا ناول پڻ پيدا ڪيا آهن، جن ۾ بن اوڪري جو ناول In Arcadia ۽ مارٽل جو ناول Life of Pe شاهڪار ناول سڏجن ٿا. هنن ناولن ۾ تخيل جا ايترا ته رنگ ڀريل آهن جو پڙهندڙ جي سمجهه ۽ فهم دنگ رهجيو وڃي. هن تحريڪ يا ٽيڪنڪ جا مشهور ليکڪ ڪارپيئن ٽيئر، اينجل استورياس، گارشيا مارڪيز، ازابيل الينڊي، لاراايسڪيول، سلمان رشدي، اينجلا ڪارٽر، پيٽرڪ سسڪن، جان رولفو ٽوني موريسن، پلسن هيرس، ميلان ڪنڊيرا وغيره آهن. عبدالعزيز ملڪ اردو ۾ لکيل پنهنجي تحقيقي مقالي ”اردو افساني ۾ جادوئي حقيقت نگاري“ ۾ انتظار حسين، نير مسعود، اسد محمد خان ۽ منشا ياد وغيره جي افسانن ۾ جادوئي حقيقت نگاريءَ جا عنصر ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جڏهن ته سنڌي اديبن ۾ اردو ادب جي مشهور افسانه نگار ۽ ناول نگار مظهرالسلام جي لکڻين تي هن ٽيڪنڪل جو زبردست اثر ملي ٿو. خاص طور سندس ناول ”محبت: مرده پهولون کي سمفني“ ان ٽي ٽيڪنڪ جي ترجماني ڪري ٿو. هن ناول ۾ ڪيترين ئي عجيب ۽ انوکيون ڳالهيون ملنديون، هڪ هنڌ هو لکي ٿو:

بهار جي موسم جي متوالن پکين، سحر انگيز يادن ۽ دلڪش



پوپٽن سان ڀريل اها عجيب غريب شام، شهر جا ماڻهو ڪڏهن به نٽا وساري سگهن. گلن جي هڪ حيرت ۾ وجهندڙ طوفان اوچتو شهر ۾ تباهي مچائي ڇڏي هئي. مٿي ڦريل نيري هوا ۽ ترڇي بارش ۾ گل پٿرن وانگر وسي رهيا هئا. گلاب جي ڪنڊن ماڻهن جا چهرا زخمي ڪري ڇڏيا هئا. هوا سان جهيڙيندڙ ڊيليا ۽ گينڊي جي گلن جي لاڳيتي وسڪاري ڪئين عمارتن جي درين جا شيشا ڀڃي ڇڏيا هئا. ڊنل گهٽين، حيرت ۾ ورتل درين، بيوس دروازن ۽ خوف ۾ ورتل بازارن ۾ گونجندڙ ناراض هوا سان الجهندڙ گلن تي پاڳل پڻو سوار ٿي ويو هو... (مظهر السلام 2004: 1)

ايئن ٿي هيءُ ناول پنهنجيءَ پيشڪش ۾ جادوئي حقيقت نگاريءَ جي خوبصورتيءَ سان ترجماني ڪري ٿو. سنڌيءَ جو لوڪ ادب جادوئي حقيقت نگاريءَ جي خوبين سان ڀرپور ملندو. نئين دور جا ڪجهه نوجوان ليکڪ به پنهنجن افسانن ۽ ناولن ۾ ان ٽيڪنڪ کي استعمال ڪري رهيا آهن. رسول ميمڻ، لياقت رضوي، منور سراج، نسيم پارس گاد وغيره جي لکڻين ۾ هن ٽيڪنڪ جا اولڙا ملن ٿا.

**سوشلسٽ حقيقت نگاري:**

سوشلسٽ حقيقت نگاري هڪ اهڙي تحريڪ هئي، جنهن روس جي سر زمين تي حڪمرانن جي مرضيءَ سان جنم ورتو هو ۽ جنهن جو خاص مقصد ئي حڪمرانن ۽ سوشلسٽ نظام جي تعريف ڪرڻ هو. حڪومت کي نوازيندڙ ادب تخليق ڪرڻ انهن جو پيشو ٿي ويو هو. ان تحريڪ جا اديب ملازمن وانگر سرڪار جي ساراهه جو ڪم ڪندا هئا. روس ۾ اسٽالن جي حڪم تي 1932ع ڌاري اديبن جي هڪ يونين قائم ڪئي وئي، جنهن کي Union of Soviet Writers جي نالي سان سڏيو ويو هو. ان يونين ڀرين ته سماجي حقيقت نگاريءَ جي بنيادن تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هو ۽ جن به هن يونين ۾ حصو ورتو سي آزاد ۽ خودمختيار اديب هئا. پر آهستي آهستي انهن اديبن جي خودمختياري ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. اهي اديب جن ۾ ڪنهن به نئين، آزاد ۽ خودمختيار ڳالهه جي سهپ نه هئي، تن آزاديءَ سان سوچيندڙ اديبن کي ان تنظيم مان خارج ڪرائڻ شروع ڪيو. باقي ان

يونين ۾ اهي اديب رهيا، جيڪي اسٽالن جي پاليسين کي ساراهيندا رهيا. اسٽالن جو خاص مقصد ئي ان ادب جي تخليق هو ته اهو حڪمرانن جي تعريف لاءِ هجي. ان يونين کان پهرين به روس ۾ ڪجهه آزاد ۽ خود مختيار ادبي تنظيمون ڪم ڪنديون هيون. جڏهن سوويت يونين جو بنياد پيو ته انهن تنظيمن کي به ختم ڪيو ويو. اهو پڻ اسٽالن جي ئي حڪم تحت ٿيو ۽ انهن تنظيمن تي بندش لڳائي وئي.

1934ع ڌاري ادب آزاد ذهن مان نڪري حڪومت جي قيد ۾ سرجڻ لڳو ۽ ڪجهه اديبن ان ۾ ڀرپور حصو ورتو. اهڙا اديب تخليق کي حڪمرانن جي رنگين زندگين سان سنوارڻ لڳا. جنهن جي ڪري انهن اديبن کي انعام اڪرام پڻ ڏنا ٿي ويا. جيڪي اديب ان ڪم لاءِ تيار نه ٿيا، انهن کي تنظيم مان بي دخل ڪيو ويو ۽ ڪين طرحين طرحين جي عقوبتن منجهان گذرڻو پيو. اها ڳالهه هڪ تجربي هيٺ آيل حقيقت آهي ته جڏهن اديب ڪنهن به حاڪم جو غلام ٿي وڃي ته ان جي تخليق ڪوڙين تعريفن جو ڍير ٿي رهجي ويندي آهي. اسٽالن جي حڪومت دوران روس جو ادب پڻ اهڙو ئي ڍير هو. جڏهن اديب صرف پنهنجي مفاد لاءِ قلم ڪڻندا آهن ته اهو ادب ڦڪو ۽ بي ذائقه ٿي پوندو آهي. 1934ع ڌاري روس جي ادب جي پڻ اها ئي حالت هئي. سوشلسٽ حقيقت نگاريءَ جي نالي تي خلقجندڙ ادب جو بنيادي مقصد سوشلسٽ حڪومت جون نيڪيون ڳڻائڻ ئي هو. ڪنهن به قسم جي عيب جوئي، تنقيد، گلا ۽ خامين جي نشاندهي سختيءَ سان ڪچلي وئي. اڪبر لغاريءَ جي چوڻ موجب ته:

> جيڪڏهن ادب تي حڪومتِ وقت جو دست شفقت پئجي وڃي ته اهو ان لاءِ وڏو هاڃيڪار ثابت ٿيندو آهي. ڇو ته پنهنجي عنايت جي صلي ۾ حڪومتِ وقت ڪجهه توقعات به رکندي آهي. جيڪي پوريون ٿيڻ جي صورت ۾ ادب جو بيڙو ٻڏي ويندو آهي ۽ توقعات پوريون نه ٿيڻ جي صورت ۾ اديب دربدر ٿي ويندا آهن. (لغاري 2008: 57)

اسٽالن جي حڪومت دوران روس ۾ ٻاهران آيل ادب تي پڻ پابندي مڙهي وئي. روس جو اديب ان ڳالهه کان ڪٽجي ويو ته ٻاهر ڪهڙو ادب لکجي رهيو آهي. روس جو ادب پوري اڌ صدي ان غلاميءَ جي ور چڙهيل رهيو. ائين سوويت يونين جي



اديبن سرڪاري پاليسيءَ تحت سماجي حقيقت نگاريءَ کان هٽي سوشلسٽ حقيقت نگاري کي اپنايو.

اڪبر لغاري سوشلسٽ حقيقت نگاريءَ جا ڪجهه اهم نقطا بيان ڪيان آهن، جيڪي هن تحريڪ جي مقصد کي سمجهڻ ۾ مدد ڪن ٿا. اهي هن ريت آهن:

1. ادب کي پرولتاري ڊڪٽيٽرشپ جي حق ۾ ۽ بورزوا خلاف رکڻ گهرجي.
2. ادب کي سوشلسٽ حڪومتن جي پروپيگينڊا ۽ ڪميونزم جي ڦهلاءَ لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي.
3. سوشلسٽ نظريي جي مسلسل ۽ موثر تبليغ ڪري، پرولتاريه جي ترتيب ائين ڪجي جو ان کي نئين سانچي ۾ وجهي، ان کي هڪ مڪمل نئون ماڻهو ٺاهجي.
4. پرولتاريه کي مضبوط، خوش ۽ مطمئن ڏيکارجي ۽ سندس رهڻي ڪهڻي کي تمام گهڻي اهميت ڏجي. سوشلسٽ ڊڪٽيٽر کي عظيم ماڻهو ڪري پيش ڪجي. (لغاري، 2008: 57)

منهنجي خيال ۾ آخري ڳالهه اڪبر لغاريءَ پنهنجي پاران لکي آهي، ڇو ته سوشلسٽ حقيقت نگار پنهنجي حڪمرانن کي ڊڪٽيٽر نٿا لکن، بلڪ انقلابي حڪومت جا نگهبان سمجهن ٿا. البته هو انقلابي حڪومت ۽ سوشلسٽ حڪمرانن جي ساراهه ۽ انهن جي ڪمن کي نيڪين طور ضرور ڳڻائين ٿا. ڇو ته اهي هڪ مخصوص ازم تحت ئي ادب جي تخليق جا حامي آهن.

**حوالا:**


- ٻاٻاڻي ڪيرت (2006) مضمون: ادب ۽ حقيقت نگاري، شامل منجهه ڪتاب: ادب زندگي ۽ سماج.مرتب: ڊاڪٽر انور فگار. شڪارپور سنڌ:مهراڻ پبلشرس
- ٻوهيو الهداد (1978. ڊاڪٽر. سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج. ڄام شورو سنڌ: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
- ٻوهيو. ڊاڪٽر الهداد(1984). ادب جا فڪري محرڪ. حيدرآباد سنڌ: سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت
- جالبي، جميل(1986). ادب ڪلچر اور مسائل. مرتب: خاور جميل. ڪراچي

سنڌ: رائل بڪ ڪمپني

- جلالپوري، علي عباس(2000). خِردنامہ جلالپوري،ٻيو ڇاپو. لاهور پاڪستان: تخليقات
- خواجہ، نور افروز، ڊاڪٽر(2010). ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ناول جي اوسر. ڪراچي سنڌ:نسيم احمد اينڊ سنز
- راءِ پوري، اختر حسين(2012). ترقي پسند تنقيد... پوني صدي ڪا قصہ: فڪري ونظري مباحث (ترتيب و تدوين: حميرا اشفاق. لاهور، پاڪستان: سانجھ
- گورڪي(1974).ادب ۾ قدرن جو سوال.مضمون: ڪيرت ٻاٻاڻي. بمبئي انڊيا: سورٺ پبليڪيشن.
- ظهير سجاد (1985). سيما پبليڪيشنس، نئي دهلي.
- سهيل عامر ڊاڪٽر(2008) تحقيق شمارو -14، ڄام شورو، شعبہ اردو، سنڌ يونيورسٽي
- لغاري اڪبر (2008). حقيقت نگاري .مضمون: حيدرآباد سنڌ، ٽماهي سارنگا،شمارو ٻيو.
- مظهر السلام(2004). محبت: مرده پهولون کي سمفني. لاهور، پاڪستان: سنگ ميل پبليڪيشنز
- ملڪ، عبدالعزيز(2014). اردو افساني ۾ جادوئي حقيقت نگاري. سرگوڌا، پنجاب: شعبہ اردو، سرگوڌا يونيورسٽي
- ميمڻ، غفور، ڊاڪٽر. (2002).سنڌي ادب جو فڪري پس منظر. ڪراچي، سنڌ: شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي
- هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر (مرتب). (2006) ادب زندگي ۽ سماج. شڪارپور سنڌ:مهراڻ پبلشرس

- Godin,Katherine (2003)
- https://study.com/academy/lesson/the-literary-realism-movement-a response-to-romanticism.html/accessed on January 2017
- Campbell, Donna (2014)
- http://www.scholastic.com/browse/article.jsp?id=3753924
- Scheidenhelm, Carol (2007)
- https://studylib.net/doc/8002136/romanticism-realism-and-naturalism-smiguel